## شب براءت
جي اجتماع ذکر و نعت ٽيڙ وارو
## سُنّتن پريو بيان

# موت جا قاصد



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# موت جا قاصد

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ملائڪن کي موڪليندو آهي جنن وٽ چانديءَ جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن ڪير خميس جي ڏينهن ۽ جُمُعہ جي رات جو مون تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهندو آهي. (اَلْفِردَوس بماثور الْخِطاب ج١ص١٨٤ حديث٦٨٨)

يانبی! تجھ پہ لاکھوں دُرُوْد و سلام اس پہ ہے ناز مجھ کو ہُوں تیرا غلام
اپنی رحمت سے تُو شاہِ خَیرُالْاَنام مجھ سے عاصی کا بھی ناز بردار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب                صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان به نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّيۡ وَلَوۡ آيَة[1] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علم جو رُعب ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب　　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ شبِ براءَت آهي، نجات حاصل ڪرڻ جي رات آهي، ڀلائين واري رات آهي، رحمتن ڀري رات آهي، دُعائون قبول ٿيڻ جي رات آهي، بخشش جي رات آهي، رزق جي ورهاست ٿيڻ جي رات آهي، حاجين جا نالا لکجڻ جي رات آهي، جهنم کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ واري رات آهي، سعادت مندي يا بدبختي لکي وڃڻ جي رات آهي، اڄ اها رات آهي جو آئنده شبِ براءَت تائين مرڻ

[1]...بخاری، کتاب احادیث الانبیاء،باب ماذکر عن بنی اسرائیل،462/2،حدیث:3461



www.dawateislami.net

وارن جا نالا ملڪ الموت حضرتِ سيدنا عزرائيل عَلَيه الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي حوالي ڪيا ويندا آهن، هاءِ!

عزيزا ياد ڪر جس دن ڪه عِزرائيل آئيں گے　　نه جاوے ڪوئی تيرے سَنگ اڪيلا تُونے جانا ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! زِندگي موت جي اَمانت آهي جيڪا هوريان هوريان ۽ ڪڏهن اوچتو موت جي ور چڙهي ويندي آهي، هر جاندار کي موت جي دروازي مان گُذرڻو پوندو. موت جو وَقت يقيناً مُقرر آهي پر اسان کي ان جي خبر ناهي ته ڪڏهن اسان جو موت سان ملڻ ٿيندو، پر جڏهن مٿي ۾ ڏاڙهي جي وارن ۾ چاندني چمڪڻ لڳي (يعني اڇا وار ظاهر ٿين) ۽ عُمر به گهٽي ٿي وڃي ته پوءِ جاڻڻ گهرجي ته هاڻي اِمتحان بلڪل ويجهو آهي چوته جواني جي اُڏام ڪان پوءِ پوڙهائپ جي گهاٽي موت جا قاصد (پيغام ڏيڻ وارا) آهن. اچو! موت جي انهن قاصدن جي باري ۾ هڪ حِڪايت ٻڌون ٿا ۽ ان مان نصيحت جا مَدَني گل حاصل ڪري پنهنجي اصلاح جي ڪوشش به ڪيون ٿا جيئن:

## موت جا ٽي قاصد

الله تعاليٰ جي پياري نبي حضرتِ سيدُنا يعقوب عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام ۽ حضرت سيّدنا عزرائيل **مَلَڪُ الموت** عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۾ دوستي هئي. هڪ ڀيري جڏهن حضرت سيّدنا **مَلَڪُ الموت** عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام آيا ته حضرت يعقوب عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پڇيو ته توهان ملاقات جي لاءِ آيا آهيو يا منهنجو روح قبض ڪرڻ جي لاءِ؟ چيائين: ملاقات جي لاءِ



www.dawateislami.net

حضرت سيّدنا يعقوب عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايو: مون کي وفات ڏيڻ کان اڳ ۾ مون وٽ پنهنجا قاصد (پيغام ڏيڻ وارا) موڪلجانءِ. **مَلَکُ الموت** عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام چيو: آئون توهان وٽ ٻہ يا ٽي قاصد موڪليندس، جڏهن حضرت سيّدنا يعقوب عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو روح قبض ڪرڻ لاءِ مَلَکُ الموت عَلَيْهِ السَّلَام آيا تہ پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ارشاد فرمايو: توهان کي منهنجي وفات کان پهريان مون ڏانهن قاصد موڪلڻا هئا، انهن جو ڇا ٿيو؟ حضرت سيّدنا **ملک الموت** عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام چيو: **”ڪارن وارن کان پوءِ اَڇا وار، جسماني طاقت کان پوءِ ڪمزوري، سڌي چيلهہ کان پوءِ چيلهہ جو جُهڪي وڃڻ، اي يعقوب** (عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام)**! موت کان اڳ انسان ڏانهن منهنجا اهي ئي تہ قاصد آهن.“** (مڪاشفةالقلوب ص 21)

## بيماري بہ موت جو قاصد آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت کي ٻڌي اسان کي بہ معلوم ٿيو تہ موت اچڻ کان اڳ ۾ **مَلَکُ الموت** عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پنهنجا قاصد موڪليندو آهي، تہ جيئن ٻانهو سڌري وڃي ۽ پنهنجي گناهن کان توبہ ڪري الله ۽ ان جي رسول جي احڪامن جي پيروي ڪرڻ لڳي ۽ پنهنجي آخرت جي تياري ۾ مصروف ٿي وڃي، ياد رکو موت جي انهن ٽنهي قاصدن کان علاوه مختلف بيماريون، **ڪنن ۽ اکين ۾ تبديلي** (يعني نظر جو ڪمزور ٿيڻ ۽ ٻُڌڻ جي قوت ۾ ڪمي يعني ٻوڙائپ) **بہ موت جا قاصد آهن**. اسان مان ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوندا جن وٽ **ملکُ الموت** عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جا اهي قاصد پيغامِ اجل (يعني موت جو پيغام) ڪٽي آيا هوندا، پر اسان جي **غفلت** جو اندازو هن ڳالهہ مان



www.dawateislami.net

لڳايو جو جيڪڏهن ڪنهن جي ڪارن وارن ڪان پوءِ اڇا وار ٿيڻ لڳندا آهن ته اهو ماڻهو پنهنجي دل کي آٿت ڏيندي چوندو آهي ته هي ته نزلي جي ڪري وار اڇا ٿيا آهن، يا فڪرن ۽ پريشانين مون کي پوڙهو ڪيو آهي نه ته اڃا منهنجي عمر ئي ڇا آهي؟ اهڙيءَ طرح بيماري جيڪا موت جو واضح قاصد آهي پر ان ۾ به سراسر **غفلت** ڪئي ويندي آهي حالانڪ ”بيماري“ جي ئي سبب روزانو بيشمار ماڻهو موت جو شڪار ٿيندا آهن! مريض کي ته وڏيڪ موت ياد اچڻ گهرجي ته ڪهڙي خبر جيڪا بيماري معمولي لڳي ٿي سا موتمار صورت اختيار ڪري، اک ڇنڀ ۾ موت جي منهن ۾ اُڇلائي ڇڏي، پوءِ مِٽ مائٽ روئن پِٽن، دشمن خوشيون ملهائن ۽ موت ڪان **غافل** مرڻ وارو **مريض** مٽيءَ جي مٽن هيٺان اونداهي قبر ۾ وڃيو ڪِري! هاڻي هڪ مرڻ وارو هوندو ۽ ٻيا اُن جا چڱا يا بُرا عمل. يقيناً اسان کي معلوم ناهي ته اڄ جو ڏينهن اسان جي زِندگي جو آخري ڏينهن يا ايندڙ رات اسان جي زِندگي جي آخري رات هجي، بلڪ اسان وٽ ته هن ڳالهہ جي بہ ضَمانت ناهي جو اسان هڪ ڪان پوءِ ٻيو ساهہ کڻي بہ سگهنداسين يا نہ؟ ممڪن آهي جو جيڪو ساهہ اسان کڻي رهيا آهيون اهو ئي آخري هجي ٻيو ساهہ کڻڻ جي نوبت ئي نہ اچي! هر ايندڙ ڏينهن اهي خبرون اسان کي ٻڌڻ جي لاءِ ملنديون آهن ته فُلاڻو شخص بلڪل نيڪ ناڪ هو، بظاهر ان کي ڪو مَرض بہ نہ هو، پر اوچتو هارٽ فيل ٿيڻ جي ڪري ڪجهہ ئي لمحن ۾ موت جي آغوش ۾ هليو ويو، ان ڪري



www.dawateislami.net

اجاين خواهشن ۽ ڊگهين اُميدن جي بدران هر وَقْت پنهنجي موت کي ياد رکڻ گهرجي.

موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ　　جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ
موت آئی پہلواں بھی چل دئیے　　خُوبصورت نوجواں بھی چل دئیے

## موت اچي ورتو!!

حضرت سَيدُنا عبدُاللّٰه بن محمد قرشي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا:" ڪنهن شهر ۾ هڪ گهڻو دولت مند نوجوان رهندو هو. ان کي هر طرح جون دُنياوِي نعمتون مُيسّر هيون. ان وٽ هڪ اِنتهائي حَسِين ۽ جَمِيل ٻانهي هئي جنهن سان هو تمام گهڻي مَحَبَّت ڪندو هو. خُوب عيش وعِشرت ۾ ان جا ڏينهن رات گذري رهيا هئا، ان کي هر طرح جون دُنيوِي نِعمَتون مليل هيون پر اهو اَولاد جي نعمت کان محروم هو، ان جي وڏي خواهش هئي تہ ان کي اَولاد ٿئي. ڪافي عرصي تائين ان کي اها خُوشي نصيب نہ ٿي سگهي، پوءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي فضل وڪرم سان اها ٻانهيءَ اُميد سان ٿي. هاڻي تہ ان مالدار نوجوان جي خُوشي جي ڪا اِنتِها نہ رهي، اهو خُوشي ۾ ماپيو بہ نہ ٿي ويو، اِنتِظار جون گهڙيون ان جي لاءِ نهايت صبر آزما هيون، آخرڪار اهو وقت قريب اچي ويو ان کي جنهن جو ان کي شِدَّت سان اِنتظار هو پر ٿيندو اهو ئي آهي جيڪو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ چاهيندو آهي. اوچتو اهو مالدار نوجوان بيمار ٿي پيو ۽ ڪجهہ ئي ڏينهن بعد اَولاد جي ديدار جي حسرت دل ئي ۾ ڪٽي ان بي وَفا دُنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. جنهن رات ان نوجوان جو



www.dawateislami.net

انتقال ٿيو انهيءَ رات ان جو خوبصورت اولاد پيدا ٿيو پر پيءُ پنهنجي ٻار کي نہ ڏسي سگھيو. (عيون الحكايات ج ١ص١٩٦)

عمرِ دراز مانگ کر لائے تھے چار دن
دو آرزو میں کٹ گئے دو انتظار میں
بلبل کو باغباں سے نہ صیّاد سے گِلہ
قسمت میں قید لکھی تھی فصلِ بہار میں

## موت جو ھڪ قاصد "بيماري"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ائين تہ اسان مان هر هڪ کي موت کان غافل نہ رهڻ گهرجي ۽ هر وَقت موت جي تياري ڪرڻ گهرجي پر خاص ڪري مَرِيض جو موت کان غافِل رهڻ حيرت انگيز آهي. جيئن تہ بَيان ڪيل واقعي ۾ اسان پڙهو تہ اهو شخص بسترِعَلالَت تي هئڻ باوُجُود دُنيوِي مُعامَلات ۾ قاتل رهيو ۽ موت اچي ويو ۽ ان جو سموريون خواهشون ۽ آرزئون اڻ پوريون ئي رهجي ويون.

حُجَّة الْاِسْلام حضرت سَيدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحمَة الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: مريض کي گهرجي تہ موت کي ڪثرت سان ياد ڪري، توبہ ڪندي موت جي تياري ڪري، هميشہ اللّٰه تعاليٰ جي حمد وثنا ڪري، خُوب ٻاڏائي دُعا ڪري، عاجزي جو اِظهار ڪري، خالق ومالڪ جَلَّ جَلاَلُه کان مدد گهرڻ سان گڏوگڏ علاج بہ ڪرائي، قُوّت ۽ طاقت ملڻ تي اللّٰه تعاليٰ جو شڪر اَدا ڪري، شڪوه شڪايت نہ ڪري، تيمارداري (همدردي) ڪرڻ وارن جي تعظيم ۽ اِحترام ڪري.

(رسائل امام غزالي، الادب في الدين،ص٤٠٩)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ اسان کي بيماري ۾ بہ پنهنجي موت کي نہ وسارڻ گهرجي ۽ شڪوي شڪايات ڪرڻ بدران بيماري کي رحمت جو سبب ۽ گُناهن جي ڪفاري جو سبب سمجهڻ گهرجي ڇوتہ ڪجھ معمولي بيماريون مُوذي مرضن کان بچاؤ جو ذريعو هونديون آهن. حڪيمُ الاُمَّت مُفتي احمد يارخان نعيمي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: زُڪام بيماري نہ آهي بلڪ دِماغي بيمارين جو علاج، ان سان ڪيئي مَرض ختم ٿي ويندا آهن. زُڪام واري کي ديوانگي ۽ جُنون ناهي ٿيندو جنهن کي ڪڏهن خارِش ٿئي اُن کي جُذام ۽ ڪوڙھ ناهي ٿيندو، زُڪام ۽ خارش ۾ رَبّ تعاليٰ جون گهڻيون ئي حڪمتون آهن. (مراة المناجيح،ج٦،ص٣٩٥)

فقيہ ملت مُفتي جلالُ الدّين امجدي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا : ”بيماري کان بظاهر تڪليف پهچندي آهي پر حقيقت ۾ اها تمام وڏي نعمت آهي جنهن سان مومن کي اَبَدي راحت ۽ آرام جو وڏو ذخيرو هٿ ايندو آهي.“ اها ظاهري بيماري حقيقت ۾ رُوحاني بيمارين جو وڏو زبردست علاج آهي شرط اهو آهي جو انسان مومن هجي ۽ سخت کان سخت بيماري ۾ صَبر و شڪر کان ڪم وٺي، جيڪڏهن صبر نہ ڪيو بلڪ روج راڙو ڪيو تہ بيماري کان ڪو معنوي فائده نہ پهچندو يعني ثواب کان محروم رهندو آهي. ڪجھ نادان بيماري ۾ نهايت فضول جملا چوڻ لڳندا آهن ۽ ڪجھ ربّ تعاليٰ ڏانهن ظُلم جي نسبت ڪري ڪفر تائين پهچي ويندا آهن، اها انهن جي اِنْتهائي شَقاوت (بد بختي) ۽ دُنيا ۽ آخرت جي هلاڪت جو سبب آهي. وَالْعِياذُبِاللهِ تَعَالٰى.

(انوار الحديث، ص١٩٧)



www.dawateislami.net

يادرکو! بيماري جون فضيلتون ان صُورت ۾ حاصل ٿي سگهنديون جو جڏهن اسان پنهنجي زبان سان شکوي شکايت جو اِظهار ڪرڻ بدران صبر ۽ شڪر جو مُظاهرو ڪيون. حضرت عطاء بن يسار رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ جڏهن ڪو ٻانهو بيمار ٿيندو آهي تہ الله تعاليٰ ان ڏانهن ٻن ملائڪن کي موڪليندو آهي ۽ انهن کي فرمائيندو آهي: ڏسو اهو پنهنجي عيادت ڪرڻ وارن سان ڇا چوي ٿو؟" جيڪڏهن اهو مريض پنهنجي عيادت جي لاءِ اچڻ وارن جي موجودگي ۾ الله تعاليٰ جي حمد و ثنا بيان ڪري (يعني شڪر اَدا ڪري) تہ اُهي ملائڪ ان جي اها ڳالهہ بارگاھ الٰهي ۾ عرض ڪندا آهن حالانڪ الله تعاليٰ وڌيڪ ڄاڻڻ وارو آهي. الله تعاليٰ فرمائيندو آهي: منهنجي ٻانهي جو مون تي حق آهي تہ مان ان کي جنَّت ۾ داخل ڪيان ۽ جيڪڏهن ان کي شِفا ڏيان تہ ان جي گوشت کي بهتر گوشت سان بدلي ڇڏيان ۽ ان جا گُناھ مٽائي ڇڏيان. (موطا امام مالک،ج۲، ص۴۲۹،الحديث: ۱۷۹۸)

الله عَزَّ وَجَلَّ اسان کي هر بيماري ۽ پريشانيءَ ۾ صبرڪرڻ ۽ پنهنجي موت کي ياد رکندي ان جي وڏ کان وڏ تياري ڪرڻ جي توفيق عطافرمائي . اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جهنّم جي دروازي تي نالو

منا منا اسلامي ڀائرو! آخرت جي تياري نہ ڪرڻ ۽ گُناهن تي قائم رهڻ باعثِ هلاڪت ۽ خُدا ۽ مُصطفٰي عَزَّ وَجَلَّ و صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

جي ناراضگيءَ جو سبب آهي. موت کان پوءِ توبہ جو دروازو بند ڪيو ويندو ۽ اسان جي گُناهن جو نتيجو عذاب جي صُورت ۾ اسان جي سامهون ايندو، ان وَقْت پڇتائڻ ۽ افسوس ڪرڻ کان سواءِ ڪجهه هٿ نہ ايندو، تنهنڪري اڄا بہ مَوقعي کي غنيمت سمجهندي گُناهن کان سچّي توبہ ڪري نَمازن، رَمَضانُ المُبارَڪ جي روزن ۽ سُنَّتن پري زِندگي گُذارڻ جو عَهد ڪندي موت جي تياري شروع ڪري ڇڏيون. اڃا اسان مان اڪثر جوان آهن ۽ جواني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي تمام وڏي نعمت آهي ان نعمت جي قدر ڪندي اُن کي عبادت ورِياضت ۾ گذاريو، سُياڻي پوڙهائپ ۾ همت ختم ٿي ويندي عضوا بہ جواب ڏئي چڪا هوندا ان وقت عبادت ڪرڻ مشڪل ٿي ويندي.

شهزاده اعليٰ حضرت حضور مُفتيِ اعظم ہند مولانا مصطفي رضا خان رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا:

رِياضت کے یہی دن ہیں بُڑھاپے میں کہاں ہمّت

جوکچھ کرنا ہو اب کرلو ابھی نُوریؔ جواں تم ہو

## موت جو هڪ قاصد ”پوڙهائپ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح بيماري موت جو هڪ قاصد آهي اهڙي طرح پوڙهائپ بہ موت کان پهريان ان جي قاصد جي حيثيت رکي ٿو. ائين تہ انسان جو ڪنهن بہ وَقْت موت کان غافل رهڻ جڻ دُشمن جي گهيري ۾ سمهڻ جيان آهي پر پوڙهائپ ۾ موت کان غفلت ڪرڻ ائين ئي آهي جو دُشمن لاڳيتو حملو ڪندو وڃي ۽ اسان پنهنجي بچاؤ جي ڪا تدبير بہ اختيار نہ ڪيون. پوڙهائپ عمر جو اهو آخري مرحلو آهي جو ان کان پوءِ موت جي علاوه ڪا ٻي منزل نہ آهي ۽ اها



www.dawateislami.net

ئي عمر انسان کي خوابِ غفلت کان بيدار ڪندي ۽ نيڪين جي طرف راغب ڪندي آهي پر هاڻي ان عُمر ۾ به انسان غَفْلت کان ڪم وٺي ته اهڙي شخص جو آخِرت ۾ ڇا حال ٿيندو. جيئن الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 22 سُوْرَةُالْفاطِرآيت نمبر 37 ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

وَهُمْ يَصْطَرِخُونَ فِيهَا رَبَّنَا أَخْرِجْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا غَيْرَ الَّذِى كُنَّا نَعْمَلُ أَوَلَمْ نُعَمِّرْكُمْ مَا يَتَذَكَّرُ فِيهِ مَنْ تَذَكَّرَ وَجَاءَكُمُ النَّذِيرُ فَذُوقُوا فَمَا لِلظَّالِمِينَ مِنْ نَصِيرٍ

تَرْجَمَو ڪنز الايمان: ۽ اهي ان ۾ رڙيون ڪندا هوندا. اي اسان جا رب اسان کي ڪڍ. جو اسان چڱا ڪم ڪريون ان جي خلاف جيڪي اڳي ڪندا هئاسي ۽ ڇا اسان اوهان کي ايتري زندگي نه ڏني هئي جنهن ۾ سمجهي وٺي ها جنهن کي سمجهڻو هجي ها ۽ ڊيڄاريندڙ توهان وٽ تشريف وٺي آيو هو پوءِ هاڻي چکو جو ظالمن جو ڪو به مددگار نه آهي.

هن آيتِ مبارڪ جي تحت تفسير جي ڪتابن ۾ هڪ قول جي مُطابق (النَّذِيرُ) کان مُراد پوڙهائپ آهي.عَلامہ بَغَوي رَحْمَة الله تَعَالىٰ عَلَيه فرمائن ٿا ته جڏهن هڪ وار اڇو ٿي ويندو آهي ته اهو ٻين کي چوندو آهي ته توهان به تيار ٿي وڃو جو موت جو وَقْت قريب اچي ويو آهي.

(تفسير بغوي، ج ٣ ص ۴٩۵،تفسير در منثور،ج٧،ص٣٢)

معلوم ٿيو ته پوڙهائپ به موت جي قاصدن مان آهي اها اهڙي عمر آهي جو ان ۾ انسان کي نفس جون خواهشون ڇڏي ڪري دُنيا جي مَحبَّت کان پيڇو ڇڏائي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف توجهه لڳائڻ گهرجي ۽ زندگيءَ جا باقي ڏينهن موت جي ياد ۽ آخرت جي تياري ۾ گذارڻ



www.dawateislami.net

گھرجن. اسان جا بُزرگانِ دِين ائين تہ پنھنجي سموري زندگي فکرِ آخرت ۽ اَحکامِ خُداوَندي جي بجا آوري ۾ ئي بسر ڪندا ھئا پر جڏھن انھن کي پنھنجي ڏاڙھي يا متي جي وارن ۾ ھڪ اڇو وار نظر ايندو ھو تہ خَلْوَت نشيني اِخْتيار ڪندا ھئا ۽ ھر وَقْت الله عَزَّوَجَلَّ جي عِبادَت ۽ رِياضَت ۾ مَشغُول تي ويندا ھئا.جيئن تہ

## خلوت نشين بزرگ

حضرتِ سيدُنا اياس بن قتاده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۀُ پنھنجي قوم جا سردار ھئا. ھڪ ڏينھن پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۀُ جن پنھنجي ڏاڙھي ۾ ھڪ سفيد وار ڏٺو تہ دُعا ڪئي:" يا الله عَزَّوَجَلَّ! مان اوچتو تيڻ وارن حادِثن کان تنھنجي پناھ چاھيان ٿو، مون کي معلوم آھي تہ موت منھنجي تاڪ ۾ آھي ۽ مان ان کان بچي نٿو سگھان." پوءِ اُھي پنھنجي قوم وٽ تشريف وني ويا ۽ فرمائڻ لڳا:" اي بنو سعد! مون پنھنجي جواني توھان تي وَقْف ڪري ڇڏي ھئي ھاڻي توھان مون کي منھنجي پوڙھاپ بخشي ڇڏيو، پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۀُ پنھنجي گھر تشريف فرما ٿيا ۽ عبادت ۾ مصروف تي ويا ايستائين جو سندن وِصال تي ويو.

(بحر الدموع،ص١١٢ )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پُوڙھو ماڻھو موت جي گھٽو ويجھو ھوندو آھي پر ان جي باوجود کي ماڻھو ھن عمر ۾ بہ گُناھن جي دَلْدَل ۾ ڦاتل رھندا آھن ۽ گار گند، فلمون ڊراما، ڪوڙ، غيبت، چُغُلي کان پاسو نہ ڪري سگھندا آھن ۽ مال ڪمائڻ جي ڌُن انھن تي سوار رھندي آھي جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ اچي ٿو تہ حُسنِ اَخلاق جي پيڪر،



www.dawateislami.net

نبيون جي تاجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي:"انسان پُوڙهو ٿي ويندو آهي پر ان جون ٻہ شيون جوان رهنديون آهن: (١) حِرص ۽ (٢) ڊگهي اُميد." (صحيح مسلم،كتاب الزكاة،باب كراهية الحرص علي الدنيا، الحديث ١٠٤٧، ص ٥٢١)

اهڙي طرح شهنشاه خُوش خِصال ،پيڪرِحُسن وجمال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي:" پُوڙهي جو دل ٻن شين جي مَحَبَّت ۾ جوان ئي رهندو آهي (١) زِندگي ۽ (٢) مال جي مَحَبَّت."

(صحيح مسلم،كتاب الزكاة،باب كراهية الحرص علي الدنيا،الحديث١٠٤٦،ص٥٢١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ انسان چاهي پوڙهائپ جي عمر تي ئي ڇو نہ پهچي وڃي پر مال ودولت جي مَحَبَّت ۽ هوس ان عمر ۾ بہ ان جو پيڇو ناهي ڇڏيندي ۽ ائين اُن کي عبادت ۽ رياضت جي چاشني نصيب ناهي ٿيندي . پنهنجي دل مان دُنيا جي مَحَبَّت مِٽائي موت جي ياد دل ۾ وڌائڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”لڙڪن جو دريا“ مان 3 نصيحت آموز عربي شعر جو ترجمو ڏٺو ۽ توبہ ڪان پوءِ پنهنجي باقي زِندگي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ گُذارڻ جي نِيت ڪري وٺو.

1. اي پوڙها شخص! ڇا پيري اچڻ جي باوجود بہ تون جهالت ۾ مبتلا آهين؟ هاڻي (هن عمر) ۾ تنهنجي طرفان جهالت جو مظاهرو سنو ناهي.



www.dawateislami.net

2. تنهنجو فيصلو تہ متي جي سفيديءَ ( يعني اچاڻ) ڪري ڇڏيو پر پوءِ بہ تون دنيا ڏانهن متوجهہ ٿئين ٿو ۽ ناپائيدار (دنيا) توکي ڌوڪو ڏئي رهي آهي.

3. ناپائيدار دنيا ۽ (ان تي) افسوس ڪرڻ ڇڏي ڏي، جو هڪ ڏينهن تون بہ مرڻ وارو آهين ۽ اهڙي مضبوط ارادي سان اڳتي وڌ جنهن ۾ ڪنهن بيهودگيءَ جي ملاوت نہ هجي.

## آخِرت جي مُقابلي ۾ دُنيا جي حيثيت

حضرتِ سَيِدُنا مُسْتَورِد بِن شَدَّاد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مَروِي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحبوب ، داناءِ غُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! آخرت جي مُقابلي ۾ دُنيا ايتري آهي جيئن ڪو پنهنجي هن اڱر کي سمند ۾ وجهي تہ اهو ڏسندو تہ ان جي اڱر ۾ ڪيترو پاڻي آيو." ( صَحِيح مُسلِم،ص١٥٢٩،حديث٢٨٥٨ دار ابن حزم بيروت)

مُفَسّرِشهير حڪيمُ الْاُمَّت حضر تِ مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فر مائن ٿا: اها (مثال) بہ فقط سمجهائڻ جي لاءِ آهي، نہ تہ فاني ۽ مُتَناهي (ختم ٿيڻ واري ۽ اِنتها تائين پهچڻ واري دُنيا) کي باقي غير فاني غير مُتَناهي (هميشہ باقي رهڻ واري آخرت) کان (ايتري) بہ نسبت ناهي جو پِچيل اڱر جي تَري کي سمند سان آهي. خيال رهي تہ دنيا اها آهي جيڪا الله کان غافل ڪري ڇڏي، عاقِل(عقلمند) عارف جي دُنيا تہ آخِرت جي کيتي آهي، اُن جي دُنيا نهايت ئي عظيم آهي، غافل جي نماز بہ دُنيا آهي، جيڪا هو نام و نُمود جي لاءِ اَدا ڪندو آهي، عاقِل جو کائڻ پيئڻ، سمهڻ جاڳڻ بلڪ جيئڻ مرڻ بہ دِين آهي جو



www.dawateislami.net

حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سُنَّت آهي، مُسلمان اِن کري کائي پيئي سمھي جاڳي جو ھي حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون سُنَّتون آھن. حَيَاةُ الدُّنيا ٻي شيءِ آهي، حيوٰةٌ فِی الدُّنيا ٻي، حَيَاةٌ لِّلدُّنيا اجا ٻہ ٻي، يعني دُنيا جي زِندگي ، دُنيا ۾ زِندگي ، دُنيا جي لاءِ زِندگي. جيڪا زِندگي دُنيا ۾ هجي پر آخرت جي لاءِ هجي دُنيا جي لاءِ نہ هجي، اها مُبارَڪ آهي.
(مراٰۃ، ج ٧،ص ٣ )

دل سے میرے دُنیا کی مَحَبَّت نہیں جاتی
سرکار گُناہوں کی بھی عادت نہیں جاتی

دِن رات مُسلسل ہے گُناہوں کا تَسلسُل
کچھ تم ہی کرو نا یہ نحوست نہیں جاتی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تُو اچانک موت کا ہوگا شکار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! موت کان پهريان ان جا قاصد ايندا آهن پر هن اِنتظار ۾ هرگز نہ رهڻ گهرجي جو جڏهن موت جا قاصد اچي ويندا تہ پوءِ ان جي تياري شروع ڪنداسين، ڪڏهن ڪڏهن موت جا قاصد نٿا اچن ۽ انسان اوچتو ئي موت جو شڪار ٿي ويندو آهي. ان ڪري! ان کان پهريان جو اوچتو پيامِ اَجَل (يعني موت جو پيغام) اچي پهچي ۽ اسان پنهنجي عزيزن مائٽن کي روئيندو ڇڏي دُنيا جي فاني رونقن، لذّتن ۽ آسائشن کان پاسو ڪري قبر جي هولناڪ ۽ اونداهي کڏ ۾ هزارين مُردن جي وچ ۾ اڪيلا سمهي رهون، هينئر کان موت جي تياري شُروع ڪري ڇڏيو ۽ جواني جي نَشي ۾ مدهوش ٿيڻ جي ڪري



www.dawateislami.net

غفلت جو جيڪو پردو اسان جي عقل تي پئجي چُڪو آهي ان کي پري ڪرڻ جي لاءِ اچو! نوجوانن جي اوچتو موت جا ڪجھ عبرتناڪ واقعا ٻڌون ٿا .

## سيلاب ۾ غرق ٿي ويو

منقول آهي هڪ شخص سيلاب اچڻ واري هنڌ تي پنهنجو گهر ٺٽائي رکيو هو، جڏهن ان کي چيو ويو ته "اها نهايت خطرناڪ جڳهه آهي هتان ڪان هٽي وڃ." ته ان چيو: "مون کي معلوم آهي ته اها جڳهه خطرناڪ آهي پر ان جي خُوبصورتي ۽ تازگيءَ مون کي تَعَجّب ۾ وجهي ڇڏيو آهي ."ان کي چيو ويو ته" تمام رونقون ۽ خُوبصورتيون زندگي سان گڏ آهن، ان ڪري پنهنجي جان جي حفاظت ڪر، پنهنجي پاڻ کي خطري ۾ نه وجهه." اُن چيو: "مان هيءَ جڳهه هرگز نه ڇڏيندس." پوءِ هڪ رات نيند جي حالت ۾ ان کي سيلاب اچي ورتو ۽ اهو غرق ٿي مري ويو. (عيون الحڪايات،ص٤٤٦ )

## شادي جا ارمان خاڪ ۾ ملي ويا

شيخ طريقت،اميراَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هڪ نوجوان جي اوچتو موت جو عبرت ناڪ واقعو بيان فرمائن ٿا ته بنگله ديش ۾ هڪ نوجوان ڏاڙهي رکي هئي، جڏهن اُن جي شادي جو وَقت ويجهو آيو ته والِدَين ڏاڙهي ڪٽائڻ تي مجبور ڪيو. ان نه چاهيندي حجم وٽ وڃي ڏاڙهي ڪٽائي ڪري گهر ڏانهن ايندي روڊ ڪراس ڪري رهيو هو ته ڪنهن تيزرفتار گاڏيءَ چيپاٽي ڇڏيو، ان جو ساهه نڪري ويو ۽ ان جي



www.dawateislami.net

شادي جا اَرمان خاڪ ۾ ملي ويا، ماء پيء نہ بچائي سگھيا! نہ شادي ٿي نہ ڏاڙھي رھي. (نيڪي جي دعوت، ص٥٥٦)

## شادي وارو گھر ماتم خانو بڻجي ويو

ھڪ شخص جنھن جو گھر قبرستان جي ويجھو ھو ان پنھنجي پٽ جي شادي جي سلسلي ۾ رات جو ناچ رنگ جي محفِل قائم ڪئي، ماڻھو ناچ رنگ ۽ شور شرابي ۾ مشغول ھئا جو قبرستان جي خاموشي چِيرندي ہہ عَرَبي شعرن تي مُشتمِل ھڪ گرجدار آواز گُونجيو،"اي ناچ رنگ جي ناپائدار لذّتن ۾ مُنھمِڪ ٿيڻ وارؤ! موت تمام راند روند کي خَتْم ڪري ڇڏيندو آھي. گھڻا ئي اھڙا ماڻھو اسان ڏٺا آھن جيڪي مسرّتن ۽ لذّتن ۾ غافِل ھئا موت انھن کي پنھنجي اھل وعيال کان جُدا ڪري ڇڏيو!" راوي چون ٿا. خدا جو قسم! ڪجھ ڏينھن کان پوءِ گھوٽ جو انتقال ٿي ويو.

(ابن ابي دنيا،ڪتاب الاعتبار واعقاب السرورو الاحزان، الرقم٤١ ،ج٦،ص٣١)

کِھلکِھلا کر ہنس رہا ہے بے خبر
قبر میں روئے گا چیخیں مار کر

کر لے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص712)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوھان شادي جي مرڪندڙ ٽھڪندڙ گھر ۾! موت جي آندھي آئي ۽ کل مذاق، شور شرابي، سَنگيت جي دُھنن، ڇُٽڪلن ۽ ٽھڪن شادمانين ۽ مسرّتن، زنده ارمانن ۽ خوشي



www.dawateislami.net

جي تمام راحت سامانين کي کٽي وئي. گهوٽ صاحب موت جي آغوش ۾ هليو ويو ۽ خوشين پريو گهر ڏسندي ئي ڏسندي ماتم خانو بڻجي ويو. هن حِڪايت کي بڌي شادين ۾ بي هوده فنڪشن برپا ڪرڻ وارن ۽ ان ۾ شريڪ ٿي ڳائڻ وڄائڻ جي ڌُهنن تي ڪلي ڪلي خوشي جا نعرا بُلند ڪرڻ وارن جون اکيون کلڻ گهرجن.

نہیں درکار وہ خوشیاں جو غفلت کا بنیں ساماں
عطا کر اپنی اُلفت اپنے پیارے کا تُو غم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪٿي آهن اهي خوبصورت چهرا

اَمِيرُالْمُؤمِنِين حضرتِ سَيدُنا صِدِّيق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ نوجوانن کي دُنيا جي بي ثباتين، ان جي بيوفائين ۽ قبر جي اونداهين جو اِحساس ڏياريندي خوابِ غفلت مان بيدار ڪرڻ ۽ قَبْر وحشْر جي تياري جو ذِهن بنائڻ جي لاءِ خُطبي دَوران فرمائيندا هئا: ڪٿي آهن اهي خُوبصورت چِهري وارا؟ ڪٿي آهن پنهنجي جوانين تي آڪڙ ڪرڻ وارا؟ ڪيڏانهن ويا اُهي بادشاه جِن عاليشان شهر تعمير ڪرايا ۽ انهن کي مضبوط قلعن سان تَقْوِيت بخشي؟ ڪيڏانهن هليا ويا ميدانِ جنگ ۾ غالِب اچڻ وارا؟ بيشڪ زَماني اُنهن کي ذليل ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي اُهي قَبْر جي اونداهين ۾ پيا آهن. جلدي ڪيو! نيڪين ۾ سبقت ڪيو! ۽ نَجات طَلَب ڪيو.

(شعب الايمان،باب في الزهد وقصر الاٴمل،٧/٣٦٤، حديث:١٠٥٩٥)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عَقل مند اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي موت کان پهريان موت جي تياري ڪندي نيڪين جو ذخيرو گڏ ڪري وٺي ۽ سُنَّتن جو مَدَني چِراغ قبر ۾ گڏ کڻي وڃي ۽ ائين قبر جي روشني جو اِنتِظام ڪري وٺي، نہ تہ قبر هرگز اهو لحاظ نہ ڪندي تہ منهنجي اندر ڪير آيو آهي! امير هجي يا فقير، وزير هجي يا اُن جو مُشِير، حاڪم هجي يا محڪوم، افسر هجي يا پٽيوالو، سيٺ هجي يا مُلازِم، ڊاڪٽر هجي يا مريض، ٺيڪيدار هجي يا مزدُور جيڪڏهن ڪنهن جي آخِرت جي تياري ۾ ڪمي رهي، نَمازون ڇاڏي واڻي قضا ڪيون، رَمَضان شريف جي روزا بنا عُذْرِ شَرعي نہ رکيا، فَرض هوندي بہ زڪوٰة نہ ڏني، حج فرض هو پر اَدا نہ ڪيو، قدرت باوُجُود شَرعي پردو نافِذ نہ ڪيو، ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪئي، ڪوڙ، غيبت ، چُغْلي جي عادت رهي، فلمون، ڊراما ڏسندا رهيا، ڳائڻ وڄائڻ ٻڌندا رهيا، ڏاڙهي ڪٽائيندا رهيا،يا هڪ مٺ کان گهٽائيندا رهيا. آخر ڪار گناهن جو بازار گرم رکيو تہ الله ۽ اُن جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي جي صُورت ۾ حَسرت ونَدامت جي علاوه ٻيو ڪجهہ هٿ نہ ايندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يادرکو! موت جو ڏينهن مُقرَّر آهي، اسان دُنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ هليا وڃون، مضبوط کان مضبوط عمارت ۾ لڪي رهون يا عاليشان محلن ۾ بند ٿي وڃون پر موت پنهنجي وَقْت تي ضرور اچي ويندو. جيئن سيپاري 5 سُوْرَةُ النِّسَاء جي آيت نمبر 78 ۾ ارشاد آهي:



www.dawateislami.net

أَيْنَمَا تَكُونُوا يُدْرِكْكُمُ الْمَوْتُ وَلَوْ كُنْتُمْ فِي بُرُوجٍ مُشَيَّدَةٍ

ترجموڪنزالايمان: توهان جاتي به هُجو موت توهان کي اچِي پُهچندو جيتوڻيڪ مضبُوط قلعن ۾ هُجو.

منقول آهي هڪ ڀيري ملڪ الموت عَلَيہ السَّلَام حضرت سيدُنا سُلَيمان عَلَيہ السَّلَام وٽ آيا ۽ اوهان جي ويجهو ويٺل هڪ شخص کي مسلسل ڏسندا رهيا پوءِ ٻاهر هليا ويا، ان شخص حضرت سيدُنا سليمان عَلَيہ السَّلَام کان پڇا ڪئي: اِهي ڪير هئا؟ پاڻ عَلَيہ السَّلَام فرمايائون: اِهي ملڪ الموت هئا. ان چيائين: مون ان ڏانهن ڏٺو ته اهي مون کي ائين ڏسي رهيا هئا جو جيئن مون کي وٺڻ آيا هجن. حضرت سيدُنا سليمان عَلَيہ السَّلَام فرمايو: هاڻي توهان ڇا چاهيو ٿا؟ چيائين: مان چاهيان ٿو ته اوهان مون کي ان کان بچائي وٺو ۽ هوا کي حڪم ڏيو ته اها مون کي هنُد جي ڪنهن پري واري علائقي ۾ پهچائي ڇڏي. حڪم ٻڌندي ئي هوا ان کي اتي پهچائي ڇڏيو. مَلَڪ الْمَوت عَلَيہ السَّلَام جڏهن ٻيهر آيا ته حضرت سيدُنا سليمان عَلَيہ السَّلَام پڇا ڪئي: توهان منهنجي ويجهو ويٺل شخص کي مسلسل ڇو ڏسي رهيا هئا؟ مَلَڪ الْمَوت عَلَيہ السَّلَام چيائين: مون کي ان تي حيرانگي ٿي رهي هئي جو مون کي اهو حڪم مليو جو ڪجهه دير کان پوءِ ان جو رُوح هند جي پري واري علائقي ۾ قبض ڪيان جڏهن ته اهو اوهان وٽ ويٺل هو. (احياء العلوم ج ۵ ص۲۱٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته اهو شخص هن گُمان ۾ هو جو جيڪڏهن مان مَلَڪ الْمَوت جي نگاهن کان غائب ٿي ڪيئي ميل



www.dawateislami.net

پري هليو ويندس تہ شايد موت کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندس پر آه! جنهن هنڌ تي ان جو موت پهريان کان لکجي چڪو هو اُهو پاڻ ئي اتي پهچي ويو. يادرکو! موت ڪنهن کي ناهي ڇڏيندو هر جاندار کي موت جو مزو چکڻو پوندو. جيئن سيپاري 17 سُوْرَةُ الْاَنبيا جي آيت نمبر 35 ۾ ارشاد آهي :

كُلُّ نَفْسٍ ذَائِقَةُ الْمَوْتِ

ترجَموڪنز الايمان: هر ساهہ کي موت جو مزو چکڻو آهي

مُفسّرِ شَهير،حڪيمُ الأُمَّت،مُفْتي احمد يارخان نعيمي رَحمَة الله تَعَالیٰ عَلَيه هن آيتِ مُبارَڪ جي تَحت فرمائن ٿا: اِنسان هجن يا جنّ يا ملائڪ، الله عَزَّوَجَلَّ جي سِوا هر هڪ کي موت اچڻو آهي. ۽ هر شيء فاني آهي.

( نور العرفان ،ص۵۱۷)

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ قرآنِ ڪريم واضِح لفظن ۾ اهو اعلان فرمائي رهيو آهي تہ موت هر هڪ کي اچڻو آهي ان کان ڪو بہ بچي نٿو سگهي، ان جي باوُجُود بہ اسان ان جي تياري نہ ڪيون تہ ڪيتري قدر افسوس جي ڳالهہ آهي . جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن لُطف ۽ رَنگ وسُرور جي وڏي محفل ۾ شريڪ ٿئي ۽ ان کي اها خبر ڏني وڃي تہ هاٿي ڪو سپاهي ايندو ۽ توکي سيني جي سامهون پنج (5) ڪوڙا هڻندو تہ يقيناً اُن کي اها محفل بدمزه ۽ زندگي بي رونق معلوم ٿيڻ لڳندي پر موت جو هر لمحي اسان جي پويان اچي رهي آهي ۽ ڪنهن بہ وَقت تمام تَر سختين سان گڏ اچي پڪڙي سگهي ٿو پوءِ بہ اسان غفلت جي ننڊ سمهي رهيا آهيون.



www.dawateislami.net

گو پيشِ نظر قبر کا پُرھول گڑھا ہے
افسوس! مگر پھر بھی یہ غفلت نہیں جاتی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## موت جون سختيون

حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرتِ سَيدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه موت جي سختين کي بيان کندي فرمائن ٿا: نَزع (يعني سکرات) اُن تکليف جو نالو آھي جيکا سڌو سنئون رُوْح تي نازِل ٿيندي آھي ۽ سمورن عضون کي گھيريندي آھي ايستائين جو رُوْح جو اھو حِصّو بہ تکليف محسوس کندو آھي جيکو بدن جي ڪِھرائين ۾ آھي.نَزع جون تکليفون سڌو سنئون رُوْح تي حملو کنديون آھن ۽ پوءِ اھي تکليفون تمام بدن ۾ ائين ڦھلجي وينديون آھن جو ھر ھر نس، رَگ، حصّي ۽ جوڙ کان رُوح ڇکيو ويندو آھي ۽ ھر وار جي جڙ ۽ مٿي کان پيرن تائين کل جي ھر حصّي مان رُوح کڍيو ويندو آھي، تنھنکري اُن وَقت جي تکليف ۽ دَرد جو اَندازو ڪير ٿو ڪري سگھي. بُزرگن تہ ايستائين فرمائي ڇڏيو جو موت جي تکليف تلوار جي وار، آري جي چِيرڻ ۽ قينچي جي ڪٽڻ کان بہ وڌيک تکليف ڏيندڙ آھي ڇوتہ جڏھن تلوار جو وار بدن تي پوندو آھي تہ بدن کي تکليف ان کري محسوس ٿيندي آھي جو ان جو رُوح سان تَعلُّق قائم آھي. تہ تورو اَندازو ڪيو تہ ان وَقْت ڪيتري قدر تکليف ٿيندي جڏھن تلوار سڌو سنئون رُوْح تي پوندي ؟ جڏھن ڪنھن کي تلوار سان زَخْمي ڪيو وڃي تہ مدد گھري سگھي ٿو ۽ چيخ وپُڪار ڪري سگھي ٿو ڇوتہ ان جي زَبان و جسم ۾ طاقت مَوجُود آھي جڏھن تہ



www.dawateislami.net

مرڻ واري جو آواز ۽ چيخ و پُڪار تڪليف سبب خَتم ٿي ويندو آهي
ڇوته موت جي تڪليف ان وَقُت وڏي دل تي غَلَبو ڪندي آهي ۽ پوءِ
سڄي بدن جي طاقت ڪسي هر حصّي کي ڪمزور ڪندي آهي،
ايستائين جو ڪنهن به حصّي ۾ مدد گهرڻ جي طاقت ناهي رهندي، ۽
سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت تي غالب اچي ان کي حيران وپريشان
ڪري ڇڏيندي آهي جڏهن ته زَبان کي گُونگو ۽ باقي جِسْماني حِصّن
کي بي جان ڪندي آهي، جيڪڏهن ڪو شخص نَزع جي وَقُت روئڻ،
دانهون ڪرڻ يا يا مدد گهرڻ به چاهي ته ائين نٿو ڪري سگهي ۽
جيڪڏهن ڪجھ طاقت باقي به هجي ته ان وَقت ان جي نڙي ۽ سيني
مان غَرغَرَه ۽ ڳئون ڏڪي وغيره جي ڏڪارڻ جو آواز ئي ٻڌندو، ان جو
رَنگ متيالو ٿي ويندو آهي جڻ مٽي مان ٺٽيل هو ته مرڻ وقت به مٽي
ظاهر ٿيندي آهي، هر رَڳ مان رُوح ڪڍيو ويندو آهي، جنهن سبب
تڪليف جسم جي اَندر ٻاهر هر جڳهه ڦهلجي ويندي آهي، اکين جا دوڏا
مٿي ٿي ويندا آهن، چپ سُڪي ويندا آهن، زبان سُڪڙجي ويندي آهي
۽ آڱريون نيريون ٿي ونديون آهن، جنهن بدن جي هر هررَڳ مان رُوْح
ڪڍيو ويو هوندو، ان جي حالت نہ پڇيو ڇوته جيڪڏهن جِسْم جي هڪ
رَڳ به ڇڪي وڃي ته تمام گهڻي تڪليف ٿيندي آهي. ٿورو غور ته
ڪيو ته سڄي رُوْح کي هڪ رَڳ مان نہ بلڪ هر هر رَڳ مان ڪڍيو
ويندو آهي ته ڪيتري قَدر تڪليف ٿيندي هوندي؟ ۽ پوءِ آهستي
آهستي جسم جي هر هر حصّي تي موت طاري ٿيندو آهي، پهريان قدم
ٿڌا ٿي ويندا آهن پوءِ پنيون ۽ پوءِ رانون ٿڌيون ٿي وينديون آهن ۽
جسم جي هرهر حصّي کي سختي کان بعد وري سختي ۽ تڪليف کان
پوءِ وري تڪليف کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، ايستائين جو رُوْح نڙي



www.dawateislami.net

تائين چڪيو ويندو آهي، هي اهو وَقُت هوندو آهي جڏهن مرڻ واري جون اُمّيدون دُنيا ۾ دُنيا وارن کان ختم ٿي وينديون آهن جڏهن ته توبه جو دروازو ڪجهه ئي دير پهريان بند ٿي ويندو آهي ۾ پوءِ حسرت و ندامت ان کي چئني پاسن کي گهيري وٺندي آهي. (احياءالعلوم،۵/۵۱۲،۵۱۱، ملتقطاً)

نزع میں ربِّ غفّار تجھ سے موت سے قبل بیمار تجھ سے
طالبِ جلوۂ مُصْطفٰے ہے یا خُدا تجھ سے میری دُعا ہے
وِردِ لب کلمۂ طَیِّبہ ہو اور ایمان پر خاتمہ ہو
آ گیا ہائے وقتِ قضا ہے یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! موت جي وَقُت جي تڪليف ته مُڙدو ئي ڄاڻي سگهي ٿو، پر اسان کي پنهنجي موت کي ڪڏهن وسارڻ نه گهرجي، حضرت سَيِدُنا امام غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: موت خوفناڪ آهي ۽ ان جو خطرو نهايت وڏوآهي پر پوءِ به ماڻهو ان کان غافل آهن جو ان جي باري ۾ نه سوچ ويچار ڪندا آهن نه ان کي ياد ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو ياد به ڪندو آهي ته بي توجهي سان ڪندو آهي ته دل دُنيوي خواهشن ۾ مشغول رهندو آهي،تنهنڪري موت جي ياد سان دل کي ڪو فائدو ناهي ٿيندو، البت فائدو ان طريقي سان ٿي سگهي ٿو جو موت کي پنهنجي سامهون رکي ياد ڪري ۽ ان جي علاوه هر شيءِ کي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏي جيئن ڪو شخص خطرناڪ جهنگ ۾ سفر جو ارادو ڪري يا سمنڊ ۾ سفر جو ارادو ڪري ته بَس ان جي باري ۾ غور وفڪر ڪندو رهندو آهي ان ڪري جڏهن موت جي ياد جو تعلق دل سان براه راست هوندو ته ان جو اثر به



www.dawateislami.net

ٽيندو ۽ علامت اها هوندي جو دنيا کان دل ايتري ٽٽي چڪي هوندي جو دنيا جي هر خوشي بي معني ٿي ويندي آهي. (احياء العلوم، ۵/۱۹۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! موت جي حقيقت ڄاڻڻ کان پوءِ اچو! هاڻي موت کي ياد ڪرڻ جا ڪجھ فضائل بہ ٻڌون ٿا جيئن (هڪ ڀيري) حضرت سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡها عرض ڪيو: ”يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا شهيدن سان گڏ ڪنهن ٻي کي بہ اٿاريو ويندو؟“ ارشاد فرمايائون: ”ها! ان کي بہ جيڪو ڏينهن رات ۾ 20 ڀيرا موت کي ياد ڪري. (المعجم الاوسط، ۵/ ۳۸۱، حديث:۷٦٧٦، بتغيرڪثير)

حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گذر اهڙي مجلس وٽان ٿيو جنهن مان کلڻ جو آواز بلند ٿي رهيو هو، ارشاد فرمايائون: ”پنهنجي مجلسن ۾ لذتن کي بي مزو ڪرڻ واري جو بہ تذڪرو ڪندا ڪيو.“ انهن عرض ڪيو: ”لذتن کي بي مزو ڪرڻ واري ڪهڙي شيء آهي؟“ ارشاد فرمايائون: ”موت.“
(موسوعة الامام ابن ابي الدنيا، ڪتاب ذڪر الموت، باب الموت والاستعداد لہ، ۵/ ۴۲۳، حديث:۹۵)

حضرت سيدُنا عبدُالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا فرمائن ٿا تہ مان بارگاھ رسالت ۾ حاضر ٿيڻ وارو ڏهون شخص هئس جو ڪنهن انصاري صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه عرض ڪيو: ”يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ماڻهن ۾ وڌيڪ عقلمند ۽ عزت وارو ڪير آهي؟“ ارشاد فرمايائون: ”موت کي وڌيڪ ياد ڪرڻ ۽ ان جي وڌيڪ تياري ڪرڻ وارو، اهي ئي



www.dawateislami.net

ماڻھو عقلمند آھن جو دنياوي ۽ اُخروي اعزاز سان رُخْصت ٿيندا آهن.“
(مکارم الاخلاق لابن ابي الدنيا، ص۵، حديث:۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوھان ٻڌو تہ احاديثِ مُبارَڪہ ۾ موت کي ياد ڪرڻ واري کي شھيدن سان گڏ اتاريو وڃڻ جي خوشخبري ڏني وئي آھي ۽ ان کي عقلمند ۽ مُعَزِّز ماڻھن ۾ شُمار ڪيو ويو آھي. ان ڪري ھن مرتبي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان کي بہ عقلمندي جو ثبوت ڏيندي موت کي ڪثرت سان ياد ڪرڻ گھرجي ۽ ان جي تياري جي لاءِ نماز روزن جي پابندي ڪرڻ، گُناھن کان بچڻ ۽ خُوب خُوب نيڪيون ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪرڻ گھرجي. اڄ اسان وٽ موقعو آھي پر عمل جي طرف اسان جي دل مائل ناھي ٿيندي سياڻي مرڻ کان پوءِ دُنيا ۾ نيڪ اعمال نہ ڪرڻ جي حسرت ھوندي ۽ دل بہ چاھيندي تہ مون کي ڪجھ عرصي جي لاءِ ٻيھر دُنيا ۾ موڪليو وڃي تہ جيئن نيڪ اعمال ڪري سگھان پر ان وَقْت سِواءِ حسرت ۽ ندامت جي ٻيو ڪو چارو نہ ھوندو. تنھنڪري اڄ کي سياڻي تي فَوقيت ڏيندي اڄ ئي کان نيڪ اعمال شُروع ڪري ڇڏيو ۽ ھر لمحي پنھنجي موت کي پيشِ نظر رکو ڇوتہ موت کي ياد ڪرڻ موت جي تياري ۾ اھم ڪردار اَدا ڪري ٿو.

نہ مانگے موت آئے گی نہ بیہوشی ہی چھائے گی
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یا رسول اللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## موت کي ياد ڪرڻ جو وڌيڪ مُفيد طريقو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پاڻ کي خوف ڏيارڻ ۽ دل کي قبر ۽ آخرت جي فڪر ۾ لڳائڻ جي لاءِ موت جو تَصوُّر ڄمائڻ جو طريقو هي آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائي ۾ دل کي هر قسم جي دنياوي خيالن کان پاڪ ڪري پوءِ پهريان پنهنجي انهن دوستن ۽ رشتيدارن کي ياد ڪريو، جيڪي انتقال ڪري چڪا آهن، پنهنجي ويجهو ۽ پاڙي ۾ رهڻ وارن انتقال ڪري وڃڻ وارن مان هڪ هڪ کي ياد ڪريو ۽ تصور ئي تصور ۾ انهن جا چهرا سامهون سمجهو ۽ خيال ڪيو تہ اهي ڪهڙي طرح دنيا ۾ پنهنجي پنهنجي منصب ۽ ڪم ۾ مشغول، وڏيون اميدون ڪيو، دنياوي تعليم جي ذريعي مستقبل جي بهتري لاءِ ڪوشان هئا ۽ اهڙن ڪمن جي تدبيرن جي پويان لڳل هئا جيڪي شايد ڪيترن سالن تائين مڪمل نہ ٿي سگهن، دنياوي ڪاروبار جي لاءِ اهي هر طرح جون تڪليفون ۽ مشقتون برداشت ڪندا هئا، اهي صرف هن دنيا جي لاءِ ئي ڪوشش ۾ مصروف هئا، ان جون آسائشون پسند ۽ انهيءَ جو سک انهن کي پيارو هو، اهي هن طرح زندگي گذاري رهيا هئا ڄڻ انهن کي ڪڏهن مرڻو ئي ناهي. اهڙي طرح اهي موت کان غافل خوشين ۾ بدمست ۽ راند روند ۾ مشغول هئا، انهن جا ڪفن بازارن ۾ اچي چڪا هئا پر اهي ان کان بي خبر، دنيا جي رنگينين ۾ گم هئا، آه! انهيءَ بيخبري جي حالت ۾ انهن تي اوچتو موت اچي ويو ۽ اهي قبرن ۾ دفنائجي ويا، انهن جا والدين غم ۾ بيحال ٿي ويا، انهن جون بيوهہ عورتون بيحال ٿي ويون، انهن جا ٻار سُڏڪندا رهجي ويا، مستقبل جي حسين خوابن جو آئينو چڪناچور



www.dawateislami.net

ٿي ويو، اميدون تباھ ٿي ويون، انھن جا ڪم اڌورا رھجي ويا، دنيا جي لاءِ انھن جون سڀ محنتون ضائع ٿي ويون، وارث انھن جا مال تقسيم ڪري مزي سان ڪائي رھيا آھن ۽ انھن کي وساري ڇڏيائون. ان تصور کان پوءِ ھاڻي انھن جي قبرن جي حالات جي باري ۾ غور ڪيو تہ انھن جا بدن ڪيئن ڳري سڙي ويا ھوندا، آھ! انھن جا حسين چھرا ڪيئن تبديل ٿي ويا ھوندا، اھي ڪلندا ھئا تہ انھن جي وات مان گل ڇڻندا ھئا پر آھ! ھاڻي انھن جا اھي چمڪدار ڏند ڇڻي چڪا ھوندا ۽ وات ۾ پيپ پئجي وئي ھوندي، انھن جون وڏيون خوبصورت اکيون اپري رخسارن تي وھي آيون ھونديون، انھن جا ريشم جھڙا وار ڇڻي قبر ۾ وکرجي چڪا ھوندا، انھن جي سنھڙي دگھي نک ۾ ڪيڙا پئجي ويا ھوندا، انھن جي گلاب جي پتين جھڙن نازڪ چپن کي ڪيڙا کائي رھيا ھوندا، اھي ننڍڙا ٻار جن جي ٻاتين ڳالھين سان غمگين دليون بہ خوش ٿي وينديون ھيون، مرڻ کان پوءِ انھن جي زبانن تي ڪيڙا چنبڙيل ھوندا، نوجوانن جا طاقتور ۽ تازا جسم مٽي ۾ ملي ويا ھوندا، انھن جا سمورا سَنڌ الڳ الڳ ٿي چڪا ھوندا.

اھو تصوّر ڪرڻ کان پوءِ سوچيو تہ آھ! اھوئي حال جلد منھنجو بہ ٿيڻ وارو آھي، مون تي بہ نزع جي ڪيفيّت طاري ٿيندي، اکيون ڇت ۾ کُتل ھونديون، مٿ مائٽ گڏ ٿيندا، ماءُ: او منھنجا ٻچا! او منھنجا ٻچا! چئي رھي ھوندي، پيءُ مونکي: او منھنجا پٽ! او پٽ! چئي سڏي رھيو ھوندو، ڀينرون ادا! ادا! ڪري پڪاري رھيون ھونديون، دوست آھون ۽ سڏڪا ڀري رھيا ھوندا، پوءِ انھيءَ روح راڙي واري



www.dawateislami.net

هولناڪ ماحول ۾ روح قبض ڪيو ويندو، ڪو اڳتي وڌي منهنجون اکيون بند ڪندو، مون تي چادر وڌي ويندي، مٿن مائٽن جي روئڻ سان ڪُهرام مچي ويندو، پوءِ غسّال (يعني غسل ڏيارينڌڙ) کي گهرايو ويندو، مون کي غسل واري تختي تي سمهاري غسل ڏنو ويندو ۽ ڪفن پارايو ويندو، آه و زاري جي شور ۾ ان گهر مان منهنجو جنازو نڪرندو جنهن گهر ۾ سڄي عمر گذاري، ڪالهه جن منهنجا ناز نخرا برداشت ڪيا هئا اڄ اهي ئي منهنجو جنازو پڙهڻ کان پوءِ قبرستان ڏانهن هلندا، پوءِ مونکي قبر ۾ لاهي منهنجا مائٽ پنهنجي هٿن سان مون تي مٽي وجهندا، آه! پوءِ قبر جي انڌيرن ۾ مون کي اڪيلو ڇڏي سيئي واپس موٽي ويندا. منهنجي دل وندرائڻ لاءِ ڪوبه اتي نه ترسندو، هاءِ! هاءِ! پوءِ قبر ۾ منهنجو جسم ڳرڻ سڙڻ شروع ٿي ويندو. ان کي ڪيڙا کائڻ لڳندا، اهي ڪيڙا خبر ناهي ته منهنجي ساڄي اک پهريان کائيندا يا کابي اک، منهنجي زبان پهريان کائيندا يا منهنجا چپ، هاءِ! هاءِ! منهنجي جسم تي ڪيتري قدر آزادي سان ڪيڙا رِڙهي رهيا هوندا، نڪ، ڪن ۽ اکين ۾ گهڙي رهيا هوندا. اهڙي طرح پنهنجي موت ۽ قبر جي حالات جو واري واري سان تصور ڪري پوءِ منڪر نڪير جي آمد، انهن جا سوال ۽ عذابِ قبر جو خيال دل ۾ آڻيو ۽ پنهنجي پاڻ کي انهن پيش اچڻ وارن معاملن کان ڊيڄاريو.

اهڙي طرح فڪر مدينه (يعني عملن جي محاسبي) جي ذريعي موت جو تصور ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دل ۾ موت جو احساس پيدا ٿيندو، نيڪين ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن بڻبو.

(بيانات عطاريہ، حصہ١، ص٣٠٩)



www.dawateislami.net

ياد رکھ!ہر آن آخرموت ہے
بن تو مت انجان آخر موت ہے
مُلکِ فانی میں فنا ہر شئے کو ہے
سُن لگاکر کان، آخر موت ہے
بارہا علمیؔ تجھے سمجھا چکے
مان یا مت مان آخر موت ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان ٻہ چاهيون ٿا تہ موت جي ياد هر وَقْت اسان جي دلين ۾ مَوجُود رهي ۽ اسان وَقت بوقت موت جي تياري ڪندا رهون ۽ ان جي علاوه ٻين گُناهن کان بہ بچندا رهون تہ ان جي لاءِ اسان کي هڪ اهڙي ماحول جي ضرورت آهي جو جنهن ماحول ۾ اسان کي گُناهن جي سَزائن ۽ نيڪين جي جزائن جي باري ۾ آگاهہ ڪيو ويندو رهي. اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ هن زماني ۾ دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مَدَني ماحول ۾ گُناهن کان نفرت ۽ نيڪين کان مَحَبَّت جي ترغيب ڏياري ويندي آهي، انڪري اوهان بہ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ موت جي باري ۾ وڌيڪ مَعلُومات حاصِل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدِينہ جي مَطبوعہ 814 صفحن تي مشتمل ڪتاب اِحْياءُ العلوم جلد 5 مان ''موت ۽ ان جي بعد جو بيان'' ۽ مڪتبةالمدينہ جو 44 صفحن تي مشتمل رسالو ”موت جو تصور“ پڙهي وٺو اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ بيحد مفيد معلومات حاصل ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ شبِ براءَت يعني نجات ماڻڻ جي رات ، ڀلائن ڀري رات ، رحمت ڀري رات، دُعائن جي قبوليت واري رات، بخشش جي رات، تقسيمِ رزق جي رات، حاجين جا نالا لکيا وڃڻ



www.dawateislami.net

واري رات، جهنم کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي رات، سعادت مندي يا بدبختي لکجڻ جي رات ۾ اسان موت جي قاصدن جي باري ۾ بيان ٻڌو،

- يقيناً موت برحق آهي ۽ موت کان پهريان موت جا قاصِد مثلاً ڪارن وارن کان پوءِ اڇن وارن جو اچڻ، ٻڌڻ جي قوت ۾ ڪمي اچڻ، پوڙهائپ، مُوذي مرض، جسماني ڪمزوري جي صُورت ۾ ايندا آهن پر موت جو اچڻ به انهن تي موقوف ناهي بلڪ ڪجھ تندُرست نوجوان ايستائين جو نومَولُود ٻار به موت جي آغوش ۾ هليا ويندا آهن.

- جيڪڏهن اسان جي زندگي ۾ اهي قاصد اچي ويا مثلاً خدانخواسته ڪا بيماري تي ته نِيت ڪيو ته شڪوي شڪايت ڪرڻ بدران صبر ڪري اَجُر ڪمائڻ جو موقعو هٿان نه وڃڻ ڏينداسين ۽ بيماري ۾ به جيتري قدر ممڪن ٿيندو نماز ۽ روزي جي پابندي ڪنداسين. ۽ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ مرض مان شِفا بخشي ۽ ڊگهي زندگي عطا ڪئي ته جواني ۾ عبادت جا فضائل ماڻڻ سان گڏوگڏ پوڙهائپ ۾ به الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت، قرآنِ پاڪ جي تلاوت ۽ نيڪ اعمال جي ڪثرت ڪنداسين اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ .

- جيڪڏهن اسان موت کان غافِل رهياسين ۽ دُنيا جي رنگينين ۾ مست ٿي قبر وآخرت جي تياري نه ڪئي ته ياد رکو! دُنيا ته جنهن طرح عيش وعشرت ۾ گُذاري ونون پر آخرت ۾ ذِلّت ورُسوائي اسان جو مُقدّر بڻجي سگهي ٿي ۽ بعض اَوقات دُنيا ۾ به ان جو



www.dawateislami.net

اَنْجام برداشت ڪرڻو پوي ٿو.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطافرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس تجهيز وتڪفين جو تَعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي ماڻهن ۾ فڪرِ آخرت بيدار ڪرڻ ۽ انهن کي موت جي تياري ڪرڻ جو ذهن ڏيڻ جي لاءِ گهٽ وڌ 103 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪري رهي آهي .انهن مان هڪ شعبو"مجلس تجهيز و تکفين" بہ آهي، ان مجلس جو ڪم شريعت ۽ مدني مرڪز جي ڏنل طريقي ڪار مُطابق مسلمان ميتن جي غسل و ڪفن ۽ لَواحقين جي غمگساري جا سمورا معاملا سر انجام ڏئي ثواب ڪمائڻ آهي. اَلحَمدُ لِلّٰهعَزَّوَجَلَّ مجلس تجهيز و تڪفين جي تحت وقت بوقت، ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ ۾ تربيتي اجتماعات جو بہ انعقاد ڪيو ويندو آهي، مڪتبة المدينہ هڪ DVD بنام "تجهيز و تڪفين تربيتي اجتماع"بہ جاري ڪئي آهي، هن شعبي جي ويب سائٽ tajheezotakfeen.dawateislami.net تان هن DVD کي ڏسي ۽ ٻڌي سگهجي ٿو. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مجلس تجهيز و تڪفين تحت ٽيهجي، چاليهي ۽ ورسي جي موقعي تي ايصالِ ثواب جي اجتماع جي بہ ترڪيب ڪئي ويندي آهي، هن موقعي تي مجلس تقسيمِ رسائل جي بہ ترغيب ڏياري ويندي آهي جو هي خاص ڪري انهن رسالن "قبر جي پهرين رات، مُژدي جا



www.dawateislami.net

صدما، مُڙدي جي بي وسي، بادشاهن جون هڏيون، فاتحه جو طريقو“ وغيره تقسيم ڪرڻ جي ترڪيب ڪن.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مَچی ہو!

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”صداءِ مدينہ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺو. انهن 12مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم روزانو ”صداءِ مدينہ لڳائڻ“ بہ آهي. دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ مسلمانن کي نَمازِ فَجر جي لاءِ جاڳائڻ کي صداءِ مدينہ لڳائڻ چئبو آهي.يقيناً اڄ جي دور ۾ جڏهن تہ مُسَلمان دين کان گهڻو پري آهن ۽ لاڳيتو پري ٿي رهيا آهن. ماڻهن آخرت کي بلڪل وساري ڇڏيو آهي ۽ دنيا ۾ مصروف رهجي ويا اهن. سنتون ۽ نفل پڙهڻ تہ رهيو پر ماڻهن جي اَڪثَرِيت فرض نمازون تائين قضا ڪندي آهي. مسجدون ويران پيون ٿين اهڙين حالتن ۾ انهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جو عزم ڪرڻ ۽ انهيءَ عزم جي تڪميل جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ يقيناً سَعادَت کان گهٽ ناهي. ان ڪري ڪوشش ڪيو ۽ وڌ کان وڌ صداءِ مدينہ لڳايو ۽ مسجدن جي آباد ڪاري ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو. مَنْقُول آهي تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضْرتِ سيدُنا عمرفاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو هي معمول هو جو پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ماڻهن کي نماز جي لاءِ بيدار ڪندا هئا. جڏهن نمازِ فجر جي لاءِ تَشْرِيف کڻي ايندا هئا تہ راهہ ۾ ماڻهن کي نماز جي لاءِ جڳائيندي ايندا، ۽ اذانِ فجر جي فوراً بعد جيڪڏهن مسجد ۾ ڪو سُتل هوندو



www.dawateislami.net

هو تہ ان کي بہ جڳائيندا هئا. (طبقات کبريٰ، ذکر استخلاف عمر، ٣/٢٦٣) اسان کي بہ گهرجي تہ بالخصوص نمازِ فجر ۾ صداءِ مدينہ لڳايون ۽ ٻين نمازن ۾ بہ پنهنجي گهر وارن رشتيدارن ۽ گلي بازارن ۾ ويٺل مسلمانن تي اِنْفرادي ڪوشش ڪري نماز جي لاءِ مسجد ۾ گڏ وٺي اچون تي سگهي ٿو تہ اسان جي اِنْفرادي ڪوشش سان ڪو پڪو نمازي بڻجي وڃي ۽ اسان جي لاءِ ثوابِ جاريہ جو ذريعو بڻجي وڃي. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## بي نمازي، نمازي بڻجي ويو

سردارآباد (فيصل آباد) جي هجويري ٽائون محلہ بلال گنج ۾ مقيم اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوت اسلامي جي پاڪيزه مدني ماحول کان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مَعَاذَ الله عَزَّ وَجَلَّ مان هڪ ماڊرن، ڪلين شيو، فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻڌڻ منهنجو محبوب مشغلو هو، پنج وقت جي نماز تہ ڇا جمعو پڙهڻ کان بہ محروم رهندو هئس. هڪ ڏينهن ڪنهن عزيز جي گهر وڃڻ ٿيو تہ اتي ويٺي ويٺي اوچتو منهنجي نظر الماري ۾ رکيل هڪ اسلامي ڪتاب تي پئي مون اهو ڪتاب کنيو ۽ پڙهڻ شروع ڪيو. ڪتاب تمام سٺو هو ان ڪري منهنجي دل ۾ ديني ڪتابن جي مطالعي جو شوق پيدا ٿيو پوءِ مون پنهنجي دوست کان مطالعي جي لاءِ ڪجهہ ڪتاب گهريا ان مون کي قبر و آخرت جي باري ۾ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا ڪجهہ رسالا ڏنا. جڏهن مون انهن رسالن جو مطالعو ڪيو تہ مون تي رقت طاري ٿي وئي منهنجي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ هن ڳالهہ جو احساس ٿيو تہ مون هيٺئر تائين غفلت جي زندگي گذاري رهيو هئس. انهيءَ وقت



www.dawateislami.net

مون سچي دل سان گناهن پري زندگي کان توبہ ڪئي، نمازي بڻجي ويس. دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾ بہ حاضر ٿيڻ لڳس. چهري کي ڏاڙهي مبارڪ ۽ مٿي کي عمامي شريف سان سجائي ورتو ۽ دعوت اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس. ( ڪالے بچھو کا خوف: ۲۸)

الله کرم ايسا کرے تجھ پہ جہاں ميں
اے دعوتِ اسلامی تيری دُھوم مَچی ہو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب      صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اعتڪاف جي ترغيب

اَلْحَمْدُ لِلّٰهعَزَّوَجَلَّ رَمَضانُ الْمُبارَڪ جي آمدآمد آهي ۽ هن مُبارَڪ مهيني جي برڪتن جي ڳالهہ ڪجي هن مهيني ۾ عبادت ڪرڻ ۽ نيڪين ۾ اِضافو ڪرڻ جا مَوقعا گهڻا وڌي ويندا آهن.ان ڪري هن مهيني ۾ نيڪيون وڌائڻ ۽ پاڻ کي گُناهن کان بَچائڻ ۽ خُوب خُوب علمِ دين حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو سڄي رمضان جي مهيني يا آخري عشري جو اِعْتڪاف بہ آهي ۽ اعتڪاف جي فضيلت جو اندازو هن حديثِ پاڪ مان لڳايو جو اُمّ الْمُؤمِنين حضرتِ سَيدَتُنا عائِشہ صِدّيقہ رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ ابدقرار،شفيعِ روزِ شمار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشبودار آهي: مَنِ اعْتَكَفَ اِيمانًا وَّاحْتِسَابًا غُفِرَلَه مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖيعني جنهن شخص ايمان سان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتِڪاف ڪيو،ان جا اڳوڻا سمورا گناهہ بخشيا ويندا."

(جامع صغير ص۵۱٦الحديث۸۴۸۰)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿي سگهي ٿو هر سال نه ته زِندگي ۾ گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو ته سڄي رَمَضان المبارَڪ جو اِعتڪاف ڪرڻ ٿي گهرجي. اسان جي پياري پياري ۽ رَحمت واري آقا، مدني مٺي مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا ۽ خاص ڪري رَمَضان شريف ۾ عبادت جو گهڻو ئي اهتِمام ڪندا هئا. جيئن ته رَمَضان جي مهيني ۾ ئي شبِ قَدْر کي به پوشيده رکيو ويو آهي، تنهنڪري هن مبارَڪ رات کي تلاش ڪرڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري سڄي مبارَڪ مهيني جو اعتِڪاف فرمايو. ۽ ائين به مسجِد ۾ پيو رهڻ نهايت وڏي سَعادَت آهي ۽ مُعتَڪف جي ته چا ڳالهه آهي جو رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي سڀني مشغلن کان فارِغ ڪري مسجِد ۾ ويهي رهندو آهي. فتاوىٰ عالمگيري ۾ آهي، " اعتِڪاف جون خوبيون بلڪل ئي ظاهر آهن ڇوته هن ۾ ٻانهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪمِّل طور تي پنهنجي پاڻ کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ متوجهه ڪندو آهي ۽ انهن سڀني دُنياوي مَشغلن کان پاسو ڪري ونندو آهي جيڪي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي قُرب جي راهه ۾ حائل ٿيندا آهن ۽ مُعتَڪف جو سمورو وقت حَقيقةً يا حُڪمًا نَماز ۾ گذرندو آهي. (ڇوته نَماز جو انتِظار ڪرڻ به نماز جي طرح ثواب رکي ٿو) ۽ اعتِڪاف جو اصلي مقصد جماعت سان نَماز جو انتِظار ڪرڻ آهي ۽ مُعتَڪف انهن (ملائڪن) سان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي نافرماني نٿا ڪن ۽ جيڪو ڪجهه انهن کي حُڪم ملندو آهي ان کي ادا ڪندا آهن، ۽ انهن سان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي ڏينهن رات اللّٰه



www.dawateislami.net

عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح (پاڪي) بيان ڪندا رهندا آهن ۽ ان ڪان بيزار ناهن ٿيندا. (فتاوي عالمگيريج١ ص٢١٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته اعتڪاف دَوران ڪيتري قدر نيڪيون ڪرڻ جا مَوقعا ملندا آهن. اسان کي به هر سال نه سهي گهٽ مان گهٽ زندگي ۾ هڪ ڀيري هن اَداءِ مصطفٰي کي اَدا ڪندي سڄي رَمَضانُ الْمُبارَڪ جو اِعْتِڪاف ڪرڻ ئي گهرجي ۽ ٻين کي به هن جي ترغيب ڏيارڻ گهرجي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي دنيا ۾ سڄي رمضان جي مهيني ۽ آخري عشري جي سُنّت اعتڪاف جي ترڪيب ٿيندي، سڀ ڪان وڏو اعتڪاف عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ (ڪراچي) ۾ ٿيندو،جنهن ۾ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت ،اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه به معتڪف ٿيندا، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ اعتڪاف ۾ وضو و غسل، نماز و روزي ۽ ٻين شرعي مسئلن سان گڏوگڏ ظهر ۽ تراويح ڪان پوءِ جي مدني مذاڪرن جي ذريعي شيخِ طريقت ،اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ڪيل سوالن جي دِلچسپ جوابن سان معلومات جو وڏو خزانو هٿ ايندو آهي.

رحمتِ حق سے دامن تم آکر بھرو
مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

سنتیں سیکھنے کے لیے آؤ تم
مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## مدني عطيات جي ترغيب

دعوتِ اسلامي تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ آهي، جنهن جو مدني پيغام هينئر تائين تقريباً 200 ملڪن ۾ پهچي چڪو آهي، اَلحَمدُ لِلّٰهِعَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي خدمتِ دِين جي تقريباً 103شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، صرف جامعة المدينہ(للبنين و للبنات)، مدرسة المدينہ (للبنين و للبنات)، مدرسة المدينہ آن لائن (للبنين و للبنات) ۽ مدني چينل جا سالانہ اخراجات ڪروڙين نہ اربن روپين ۾ آهن، دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ زڪوٰة ، صدقات، عطيات ڏيڻ سان گڏوگڏ پنهنجي رِشتيدارن، پاڙيسرين، دوستن تي اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي بہ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جا فضائل ٻڌائي مدني عطيات جمع ڪيو.فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: صدقو بُرائي جا 70 دروازا بند ڪندو آهي،فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: صدقو بُري موت کي روڪيندو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! 15 شعبان جي روزي جي هڪ خاص فضيلت آهي، اچو ٻڌو ۽ روزو رکڻ جو ذهن بڻايو جيئن

## 15 شَعبان جو روزو

حضرتِ سَيدُنا علي المُرتَضٰي، شيرِ خدا كرم الله تعالٰي وجهه الكريم کان مروي آهي تہ نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم آهي: جڏهن 15 شعبان جي رات اچي تہ هن ۾ قيام (يعني عبادت) ڪيو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکو. بي شڪ الله عَزَّوَجَلَّ غروب آفتاب کان آسمانِ دنيا تي خاص تجلي فرمائي ٿو ۽ چوي ٿو:”آهي ڪو مون کان



www.dawateislami.net

مغفرت طلب ڪرڻ وارو جو اُن ڪي بخشي ڇڏيان! آهي ڪو روزي طلب ڪرڻ وارو جو ان ڪي روزي ڏيان! آهي ڪو مصيبت زده جو اُن ڪي عافيت عطا ڪيان! آهي ڪو اهڙو! آهي ڪو اهڙو! ۽ اهو ان وَقت تائين فرمائي ٿو جو فجر طلوع ٿي وڃي.“ (سُنَنِ اِبن ماجه ج۲، ص۱٦۰حديث۱۳۸۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللّٰه تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مِشْڪاة الْمَصابِيح ،ج۱ ص۵۵ حديث ۱۷۵ دارالڪتب العلمية بيروت )

سينه تری سُنَّت کا مدينه بنے آقا
جنّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سفر ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب:

(۱) ٿي سگھي ته خميس واري ڏينهن کان سفر جي شروعات ڪئي وڃي چوته خميس تي سفر جي شروعات ڪرڻ سنّت آهي. (اشعة اللمعات،ج۵،ص۱٦۱) جيئن حضرت سيّدُنا ڪعب بن مالڪ رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تَبوڪ جي جنگ جي لاءِ خميس جي ڏينهن روانا ٿيا ۽ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خميس جي ڏينهن روانو ٿيڻ کي پسند فرمائيندا هئا. (صحيح البخاري)



www.dawateislami.net

،كتاب الجهاد،باب من اراد غزوة فَوَرَّي ....الخ،الحديث ٢٩٥٠،ج٢،ص٤٩٦) (٢) جيڪڏهن سهولت هجي تہ رات جو سفر ڪيو وڃي ڇوتہ رات جو سفر جلدي طئي ٿيندو آهي، حضرت سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: ”سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”رات جو سفر ڪندا ڪريو، ڇو تہ رات جو زمين ويڙهي ويندي آهي." (سنن ابي داؤد،ڪتاب الجهاد،باب في الدرجة،الحديث ٢٥٧١، ج ٣،ص٤٠ ) (٣) جيڪڏهن ڪجهہ اسلامي ڀائر گڏجي قافلي جي صورت ۾ سفر ڪن تہ ڪنهن هڪ کي امير بڻائين. حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن ٽي ماڻهو سفر تي روانا ٿين تہ پاڻ مان هڪ کي امير بڻائن. (سنن ابي داؤد، ڪتاب الجهاد، باب في القوم يسافرون......الخ، الحديث ٢٦٠٩، ج ٣، ص٥١، ٥٢ ) (٤) نڪرڻ وقت عزيزن، دوستن سان ملو ۽ انهن کان غلطيون معاف ڪرايو ۽ جن کان معافي گهري وڃي انهن تي بہ لازم آهي تہ دل سان معاف ڪري ڇڏين. (بهارِ شريعت،حصہ ٦،ص١٩) (٥) اسان جڏهن بہ سفر تي روانا ٿيون تہ اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي گهروارن ۽ مال کي الله عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪري وڃون، الله تبارڪ و تعاليٰ ئي سڀ کان بهتر حفاظت ڪرڻ وارو آهي (٦) سفر دوران ذڪرُالله عَزَّوَجَلَّ ڪندا رهون. ٽرين يا بس وغيره ۾ بِسۡمِ الله، اَللهُ اَکۡبَرُ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ ۽ سُبۡحَانَ الله سڀ تي (3) ٽي (3) ڀيرا، لَآاِلٰہَ اِلَّاالله هڪ ڀيرو.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16



www.dawateislami.net

۾ 120 صفحن جو ڪتاب “سنتيون ۽ آداب” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

(101مَدَني پهول،ص۲۷)

لوٹنے رحمتیں قافِلے میں چلو　　سیکھنے سنتیں قافِلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافِلے والوں پر　　پاؤگے راحتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعي جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَ عَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان ڪي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللہِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

---

1...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65

2...القول البدیع، الباب الثانی، ص277،

3...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ

---

[1]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،
سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net